SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1992
SINDH ORDINANCE NO. V OF 1992
سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992
THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VIII of 1980

3. ميمبر

Member

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1992
SINDH ORDINANCE NO. V

OF 1992

سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992

THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

[23 ڊسمبر 1992]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.

(2) اهوفوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh

2. سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 جي دفعه 4 ۾-

(1) ذيلي دفعه (1) ۾ آئٽم (II-A) ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل شامل ڪيو ويندو.

Ordinance VIII of 1980	” (II-AA) سيڪريٽري آف گورنمينٽ سنڌ ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ “
ميمبر Member	(2) ذيلي دفعه (2) جي لاءِ هيٺ ڇاڻايل متبادل هوندو:- ”(2) سيڪريٽري ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ ۽ ڊائريڪٽر آف اسپورٽس کي ترتيبوار سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ترتيبوار به سمجهيو ويندو.“

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.